اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ؕ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ؕ اَمَّا بَعۡدُ ! فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# طلاق ڏيڻ بابت مفيد مَدَني گُل

۞ سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”حلال شين مان **الله** تعاليٰ جي نزديڪ سڀ کان ناپسنديده شيء طلاق آهي.“ (سنن ابي داوٗد ج 2 ص 370 حديث 2178) ۞ ڪنهن معقول شرعي عذر کان سواءِ طلاق ڏيڻ اسلام ۾ سخت ناپسند، ناجائز ۽ گناه آهي. جڏهن ته طلاق جا ڪيترائي معاشرتي نقصان ان کان علاوه آهن، تنهن ڪري جيستائين ممڪن ٿي سگهي، طلاق ڏيڻ کان بچڻ گهرجي ۞ زال مڙس جي پاڻ ۾ جيڪڏهن اڻبڻت ٿي پوي ته بهتر تعلقات بهتر بڻائڻ لاءِ قرآن ڪريم جي 5 سيپاري جي آيت 33 ۽ 34 ۾ بيان ڪيل هدايتن تي عمل ڪندي پاڻ ۾ صلح جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، جنهن جو طريقو هي آهي: مثال طور جيڪڏهن گهرواريءَ جي طرفان ڪو غلط رويو آهي ته مڙس گهرواريءَ کي سهڻي انداز سان سمجهائي ۽ جيڪڏهن ان سان به معاملو حل نه ٿئي ته مڙس ڪجهه ڏينهن لاءِ گهرواريءَ کي گهر ۾ رکندي، ان کان پنهنجو بستر جدا ڪري ڇڏي ۽ مقصد هي هجي ته طلاق جي نتيجي ۾ گذاري ويندڙ اڪيلائپ واري زندگي جي هڪ جهلڪ سامهون اچي وڃي. قوي امڪان آهي ته ان تصوّر مان ٻئي سبق حاصل ڪري صلح ڪري وٺن ۞ پوءِ جيڪڏهن اهڙي طرح به صلح نه ٿي سگهي ته مڙس کي مناسب سختي جي ذريعي تاديب (يعني سيکت ڏيڻ) جي به اجازت آهي ۽ اِهو طريقو به اختيار ڪرڻ وڌيڪ مفيد آهي جو ٻنهي طرفان سمجهدار ۽ معامله فهم ماڻهن کي حَڪَم ۽ مُنصِف (يعني فيصلي ڪرڻ وارو) بڻايو وڃي ته جيئن اهي انهن ۾ صلح ڪرائين. اهي صلح ڪرائڻ وارا ماڻهو جيڪڏهن سني نيّت ۽ جذبي سان حڪمت ڀري انداز سان صلح جي ڪوشش ڪندا ته **الله** تبارڪ و تعاليٰ زوجين جي وچ ۾ اتفاق پيدا فرمائيندو ۞ زال مڙس جي پاڻ ۾ جهڳڙي جو هي حل ناهي ته هڪدم طلاق ڏئي معاملو ختم ڪري ڇڏين ۽ بعد ۾ سواءِ افسوس جي ڪجهه به حاصل نه ٿئي. البت جيڪڏهن پاڻ ۾ تعلقات جي خرابي ايتري حد تائين پهچي وئي هجي جو زال مڙس هي سمجهندا هجن ته هاڻي اهي هڪ ٻئي جا شَرعي حق ادا نه ڪري سگهندا ۽ طلاق ئي آخري حل آهي ته پوءِ مڙس اسلام جي ٻڌايل طريقي جي مطابق طلاق ڏئي ۞ اهو طريقو هي آهي ته مڙس گهرواريءَ کي ان جي پاڪائي جي انهن ڏينهن ۾ جن ۾ ان گهرواريءَ سان ازدواجي تعلقات قائم نه ڪيا هجن، هڪ طلاقِ رَجَعِي هنن لفظن سان ڏئي ڇڏي ”مون توکي طلاق ڏني“ پوءِ مڙس ان کي ڇڏي ڏئي، ايسيتائين جو عدّت مڪمل ٿي وڃي ۽ عورت نڪاح کان نڪري وڃي ۞ ياد رکو! هڪ طلاقِ رَجَعِي ڏيڻ سان به عدّت گذرڻ تي مرد ۽ عورت ۾ جدائي ٿي ويندي آهي ۽ هي سمجهڻ ته ٽن طلاقن کان سواءِ هڪ ٻئي کان جدائي ناهي ٿيندي بلڪل غلط آهي ۞ بذات خود زباني طلاق ڏيڻي هجي يا بذات خود لکڻي هجي يا اسٽامپ پيپر وارن کان لکرائڻي هجي، بهرحال هڪ ئي طلاق لکو يا لکرايو، اسٽامپ پيپر وارا چاهي ڪيترو به چون ته ٽي طلاقون لکڻ سان ڪجهه ناهي ٿيندو، انهن جي ڳالهه جو هرگز اعتبار نه ڪريو ۽ انهن کي هڪ ئي طلاق لکڻ تي مجبور ڪريو ۞ هڪ طلاقِ رجعي جو خاص طور تي انهيءَ لاءِ چيو ويو آهي جو گڏ ئي ٽي طلاقون ڏيڻ گناه ۽ خلافِ شريعت آهي، پڻ ان صورت ۾ رجوع ڪرڻ جي مهلت به ختم ٿي ويندي آهي جڏهن ته هڪ طلاقِ رَجَعي ڏيڻ جي صورت ۾ عدّت دؤران بغير نڪاح جي ۽ عدّت کان پوءِ نڪاح ڪري رجوع جي گنجائش هوندي آهي، جيتوڻيڪ رجوع جي اها گنجائش به (2) رَجَعي طلاقون ڏيڻ ۾ به آهي، پر گڏ ئي ٻه طلاقون ڏيڻ به گناه آهي ۞ اڄڪلهه طلاق ڏيڻ وارا اڪثر ماڻهو دين کان دُوري، شَرَعي اَحڪامن کان لاعلمي، ڪاوڙ جي عادت ۽ جذبات ۾ اچي معمولي ڳالهه تان هڪ ئي دفعي ٽئي طلاقون ڏئي ڇڏيندا آهن ۽ پوءِ هوش اچڻ تي انتهائي شرمسار ۽ پشيمان ٿيندا آهن، پوءِ ڪڏهن پنهنجو ماضي ياد ڪندا آهن ته ورِي ڪڏهن ٻارن جي مستقبل جي لاءِ فڪرمند

ٿيندا آهن ۽ اڪثر ڪري شيطان جي چڪر ۾ اچي گهر بچائڻ جا مختلف حيلا بهانا پيا ڳوليندا آهن. ياد رکو! ٽي طلاقون گڏ ڏئي ڏيڻ گناهه آهي ليڪن جيڪڏهن ڪنهن ٽئي طلاقون ڏنيون تہ ٽي ئي واقع ٿي وينديون آهن، چاهي هڪ مجلس ۾ ڏئي يا ڪيئي مجلسن ۾ ۽ هڪ لفظ سان ٽئي طلاقون ڏئي يا ٽن لفظن سان، بهرحال ٽي طلاقون واقع ٿي وينديون آهن. تنهن ڪري مسلمانن جي خيرخواهي جي تحت هي مشورو پيشِ خدمت آهي تہ جيڪڏهن زال مڙس جي وچ ۾ اتفاق جي ڪا صورت نہ ٿي سگهي ۽ طلاق ڏيڻ جي نوبت اچي وڃي تہ اسلامي طريقي جي مطابق طلاق ڏني وڃي، جنهن جو طريقو مٿي بيان ٿي چڪو آهي ۽ وڌيڪ آساني لاءِ الڳ وضاحت سان هيٺ بيان ڪيو وڃي ٿو.

**طلاق ڏيڻ جو سڀ کان بهتر طريقو:** هي آهي تہ عورت جي پاڪائي جا اُهي ڏينهن، جن ۾ مڙس ان سان صحبت نہ ڪئي هجي، انهن ڏينهن ۾ صرف هڪ ڀيرو ان کي چوي: ”مون توکي طلاق ڏني“ ان کان پوءِ گهرواريءَ کي ڇڏي ڏئي ۽ ان کان بلڪل الڳ رهي، ايتري تائين جو ان جي عدّت گذري وڃي. عدّت پوري ٿيڻ تي اها نڪاح مان نڪري ويندي. اهڙي طرح طلاق ڏيڻ سان هي فائدو ٿيندو تہ سياڻي جيڪڏهن ٻئي وري گڏجي زندگي گذارڻ چاهين تہ عدّت دؤران بغير نڪاح جي ۽ عدّت کان پوءِ بغير حلالہ جي صرف نڪاح جي ذريعي رجوع ٿي ويندو.

۞ طلاق جو ڪوبہ مسئلو پنهنجي اٽڪل (يعني سمجهہ) سان حل ڪرڻ جي بدران دارالافتاء سان رجوع ڪريو. (دارالافتاء اهلسنّت جا پتا ۽ فون نمبرز هيٺ ملاحظ فرمايو)

## دارالافتاء اهلسنت (دعوتِ اسلامي)

**مدني التجاء:** عام طور تي طلاق غصي ۾ ڏني ويندي آهي. تنهن ڪري غصو گهٽ ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل 23 صفحن تي مشتمل رسالو **”غصي جو علاج“** پڙهڻ بيحد مفيد آهي.

## دارالافتاء اهلسنت (دعوتِ اسلامي) جا ايڊريس

| نمبر شمار | نالو | هنڌ | اوقات ڪار ۽ تعطيل | |
|---|---|---|---|---|
| 1 | دارالافتاء اهلسنّت | جامع مسجد ڪنز الايمان (بابري چوڪ) گرومندر باب المدينہ (ڪراچي) | 10 تا 4 | تعطيل جمعة المبارڪ |
| 2 | دارالافتاء اهلسنّت | جامع مسجد بخاري نزد پوليس چوڪي ڪارادر باب المدينہ (ڪراچي) | 11 تا 5 | تعطيل جمعة المبارڪ |
| 3 | دارالافتاء اهلسنّت | جامع مسجد رضاءِ مصطفيٰ بالمقابل موبائل مارڪيٽ ڪورنگي 4 باب المدينہ (ڪراچي) | 12 تا 5 | تعطيل جمعة المبارڪ |
| 4 | دارالافتاء اهلسنّت | اقصيٰ مسجد، اڪبر روڊ، ريگل، صدر، باب المدينہ (ڪراچي) | 11 تا 4 | تعطيل جمعة المبارڪ |
| 5 | دارالافتاء اهلسنّت | آفندي ٽاؤن بالمقابل فيضان مدينہ باب الاسلام (حيدرآباد) | 11 تا 4 | تعطيل جمعة المبارڪ |
| 6 | دارالافتاء اهلسنّت | جامع مسجد زينب، محمديہ ڪالوني، سوسان روڊ، مدينہ ٽاؤن سردار آباد (فيصل آباد) | 10 تا 4 | تعطيل جمعة المبارڪ |
| 7 | دارالافتاء اهلسنّت | نزد مڪتبة المدينہ، گنج بخش مارڪيٽ، داتا دربار، مرڪز الاولياء (لاهور) | 10 تا 4 | تعطيل جمعة المبارڪ |
| 8 | دارالافتاء اهلسنّت | لطيف پلازه (جيولري مارڪيٽ) فرسٽ فلور، فيروزپور روڊ اڇره مرڪز الاولياء (لاهور) | 10 تا 4 | تعطيل جمعة المبارڪ |
| 9 | دارالافتاء اهلسنّت | نزد جامع مسجد غوثيہ، حاجي احمد جان بينڪ روڊ صدر (راولپنڊي) | 11 تا 4 | تعطيل جمعة المبارڪ |
| 10 | دارالافتاء اهلسنّت | نوري گيٽ، نزد باٽا شوز، گلزار طيبہ (سرگوڌا) | 10 تا 4 | تعطيل جمعة المبارڪ |

## دارالافتاء اهلسنت جا فون نمبر ۽ ميل ايڊريس

| فون سروس جي ٽائمنگ | | | |
|---|---|---|---|
| | 0300-0220113 | 0300-0220112 | بالخصوص پاڪستان ۽ سڄي دنيا لاءِ |
| 10 am کان 4 pm (1 کان 2 تائين وقفہ، جمعة المبارڪ تعطيل) | 0300-0220115 | 0300-0220114 | بالخصوص پاڪستان ۽ سڄي دنيا لاءِ |
| پاڪستاني وقت جي مطابق 2 pm کان 7 pm (نماز جي اوقات کان علاوه) | 0044 121 318 2692 | | بالخصوص برطانيہ ۽ سڄي دنيا لاءِ |
| پاڪستاني وقت جي مطابق 2 pm کان 7 pm (نماز جي اوقات کان علاوه) | 0015 8590 200 92 | | بالخصوص آمريڪا ۽ سڄي دنيا لاءِ |
| پاڪستاني وقت جي مطابق 2 pm کان 7 pm (نماز جي اوقات کان علاوه) | 0027 31 813 5691 | | بالخصوص ساؤٿ افريقہ ۽ سڄي دنيا لاءِ |

Email: darulifta@dawateislami.net